1. خاوند ڏنو لاڙڪ
2. محمد انس راڄپر

# سنڌي شاعريءَ ۾ طبقاتي فڪر جو مختصر جائزو

# A Brief Review of the Thought of Class-differences in Sindhi Poetry

***Abstract:***

*Sindhi literature begins with poetry, which travels from ancient thought of romance or narrative, description to modernity. Obviously, poetry plays a pivotal role in the growth and development of society. In comparison to the average person, a poet feels pain and has a better understanding of things. Poetry expresses love, affection, courtship, social, political, and inner feelings at length. So, the class differences have had a great influence on Sindhi poetry. The term "class" herein means a section of society which is linked to any one of the professions. Basically, there are two classes in human society. One is the upper class, and the other is the lower class. The upper class includes the king, the investor or industrialist, the landlord, the businessman, and the head of a tribe. The lower class includes the poor, laborers, tenants, farmers, and people under pressure. He was Shah Inayat Shaheed of Jhok, who challenged this class distinction for equality with the slogan "one who ploughs the land." According to the master, this system of class distinctions indicates the upper class's monopoly over all resources, while the lower class people are devoid of them. In this research article, a brief review of the thought of class differences in Sindhi poetry has been presented with examples that seem the product of them.*

سنڌي ادب جي تاريخي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو تہ سنڌي ادب جي ابتدا شاعري سان ٿي آهي. سنڌي شاعري جو سفر قدامت کان جديديت جي تسلسل سان روان دوان آهي. شاعرَ سماج ۽ قوم جي ذهني، ترقيءَ ۾ اوسر ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا ڇاڪاڻ تہ عام ماڻهن جي ڀيٽ ۾ شاعرَ وڌيڪ حساس ٿئي ٿو، اهو ئي سبب آهي جو ماڻهن جي دردن ۽ احساسن جو ادراڪ شاعرَ وٽ وڌيڪ هوندو آهي. شاعريءَ جو تعلق انساني شعور جذبن ۽ احساسن سان هوندو آهي شاعري انساني جذبن جي

[1]. ٽيچنگ اسسٽنٽ، سنڌي شعبو، شاهہ عبداللطيف يونيورسٽي، خيرپور.

[2]. محقق، ليکڪ.

ترجماني ٿئي ٿي شاعري سياسي، سماجي، ثقافتي، طبقاتي فڪر سان گڏوگڏ عشق، پيار، محبت، حسن ۽ سونهن جهڙين نازڪ نفيس جذبن جي اپٽار هوندي آهي سندي شاعري تي قومي. بين الاقوامي نظرين لاڙن ۽ طبقاتي فڪر جو اثر رهيو آهي. طبقي مان مراد ماڻهن جو اهڙو ٽولو يا گروهه جيڪو ڪنهن نه ڪنهن سماجي معاشي ڪرتِ سان لاڳاپيل هجي بنيادي طور تي ٻه طبقا رهيا آهن جن ۾ پهريون طبقو جنهن کي مٿانهون طبقو چئجي ٿو، جنهن ۾ بادشاهه، سرمائيدار، جاگيردار، وڏيرا، سردار اچي وڃن ٿا، جڏهن ته ٻئي يعني هيٺئين طبقي ۾ مزدور، پورهيت، ڪمي، ڪاسبي، هيسيل، ستايل، ڏڪايل عوام شامل آهي. هن ڪري طبقاتي نظام ۾ هڪ آقا جنهن وٽ مال ملڪيت جا سمورا حق هوندا آهن، ٻيا غلام جيڪي انهن حقن کان محروم هوندا آهن. انهن طبقن جي حوالي سان ناميارو نقاد رسول بخش پليجو لکي ٿو:

”هزارين سال اڳ انساني تاريخ جي هڪڙي ڏاکي تي انسان اهڙن مخالف وڏن ٽولن ۾ ورهائجي ويا جن مان هڪڙا پيٽ ٽڪر تي پورهيا ڪري دولتون ۽ ملڪيتون ٺاهيندا رهيا ۽ ٻيا انهن دولتن ۽ ملڪيتن تي ناجائز قبضا ڪري ملڪ جا مالڪ بڻجي عيش عشرت ڪندا رهيا. انهن ٽولن کي سماجي علم جي ٻوليءَ ۾ طبقا سڏجي ٿو. غلام ۽ غلامدار طبقا، هاري ۽ زميندار طبقا، مزدور ۽ سرمائيدار طبقا، انساني تاريخ جا ڇهه وڏي ۾ وڏا طبقا ٿيا آهن“ (1)

ابتدائي سومرن جي دور کان ارغونن جي دور تائين شاعريءَ جي تخليقڪارن جو تعلق پيڙهيل طبقي سان هو. هن دور ۾ ڀٽ، ڀان، چارڻ ان وقت جي سردارن جاگيردارن ۽ حڪمرانن جا قصيدا ڳائي دان حاصل ڪندا هئا. سندن تخليق ۾ انهن حڪمران طبقي جي ماڻهن جون تعريفون هيون. ڳاهن جي صورت ۾ واقعاتي بيت چوندا هئا. هو انهن جا پاليل ۽ درباري شاعر هئا، جن جي تخليقن ۾ ڪوڪلي تعريف ۽ واهه واهه هئي. نتيجي ۾ هي دربارن تائين محدود رهيا. ’ادب ڪنهن لاءِ‘ جي عنوان سان ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو چين جي رهبر مائو جو حوالو ڏيندي لکي ٿو ته:

”ڪنهن پرماري ٽولي لاءِ جواب خود ڏيئي ٿو ته نه ادب عوام الناس لاءِ هارين مزدورن، سپاهين، شاگردن ۽ وچولي طبقي جي محبِ وطن ۽ عوام دوست عهديدارن لاءِ“ (2)

مغلن جي دور ۾ جاگيرداري ۽ سماجي اڻ برابري واري هڪ هٽيءَ کي صوفي شاهه عنايت شهيد جي نعري ”جو کيڙي سو کائي“ ٽوڙيو. شاهه عنايت سماجي برابري جو شعور ڏنو، پورهيت طبقي ۽ هارين جي حقن کي هٿي ڏني. مٿس حڪمران، جاگيردار طبقو ڏمرجي پيو. نتيجي ۾ شاهه عنايت شهيد ٿيو. طبقاتي

ڪشمڪش عروج تي هئي. جاگيرداري سماج اندر آقا جو غلام مٿان طبقاتي تعصب ۽ تشدد برقرار هو. انسان تاريخ جا اصلي خالق پورهيت هئا. ڦورو طبقي جا ماڻهو لٽيرا، پاڻ ڪان هيٺين طبقي جي ماڻهن کي ستائي، حق تلفي ڪندي، ڦريُ لُٽي، مٿن ظلم ڪندا هئا. ڪلهوڙن جي دور ۾ شاهه لطيف پڻ اهڙي طبقاتي هڪ هنيءَ کي ٿوڙيو. شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ اڪثر هيٺئين طبقي جي پورهيتن، لوهارن، ڪنڀارن جو ذڪر ملي ٿو. لطيف جو پارکو انور پيرزادو لکي ٿو:

”پٺائيءَ جي وقت سنڌ ۾ پيداواري سرشتا بہ نيٺ جاگيرداري قسم جا هئا، ان ڪري غربت چوٽيءَ تي پهتل هئي، سماجي قدرن ۽ ثقافتي لاڙن تي جاگيرداري اثر هو، عوام ۾ تعليم ڪا نہ هئي. مذهبي جنون گهڻو هو. عورت جي عزت وڪائو مال جهڙي هئي. وڏيرڪي ڦرُلٽ کي غريب ۽ ابوجهه ماڻهو پنهنجن عملن جي شامت سمجهندا هئا. صبر ۽ شڪر هر درد جي دوا هوندو هو. ان دور ۾ پٺائي هڪ باغي شاعر بڻجي، جاگيرداري قدرن خلاف زوردار ادبي محاذ کوليو.“(3)

ڪلهوڙا جاگيردار هئا سندن ڪيترين ئي جاگيرون هيون اهي جاگيرن جي عيوض ماڻهن کي غلام بڻائيندا هئا. سنڌ ۾ رهندڙ ان غلاميءَ واري سوچ کي شاهه لطيف شعوري طور تبديل ڪيو. ايتري قدر جو ماڻهن اقتدار جي لالچ ۽ حوس ۾ پنهنجي ٻوليءَ تان دستبردار ٿيندي ”فارسي گهوڙي چاڙهسي“ جي روش تي هلي، فارسي ٻوليءَ کي ترجيح پئي ڏني. ٻُلي شاهه لطيفؒ انهيءَ سامراجي قوت آڏو هڪ للڪار بڻجي چيو تہ ”جي تون سکين فارسي گولو تون غلام“. اهڙيءَ طرح شاهه لطيف پنهنجي شاعريءَ ۾ مٿاهين طبقي جا گيت ڳائڻ بجاءِ هيٺئين طبقي جو همدرد شاعر بڻيو سندس شاعريءَ ۾ اڪثر سورما ۽ سورميون هيٺئين طبقي سان تعلق رکن ٿيون. مارئي مالوند ۽ هڪ هاري جي ڌيءَ هئي، سسئي ڌوٻياڻي هئي، نوري نيچ طبقي مان هئي، سهڻي ڪنڀار جي ڌيءَ هئي. مورڙو هڪ جڏڙو ۽ ضعيف هو. سُر ڪاپائتي ۾ چرخو چورينڊڙ پورهيت عورتون هيون. سُر ڪاهوڙي ۽ رامڪليءَ جا جوڳي پڻ هيٺئين طبقي جا ڪردار آهن، جن کي شاهه لطيف پنهنجي شاعريءَ ۾ امر ڪري ڇڏيو آهي. سنڌي ٻوليءَ جو ليکڪ رسول بخش پليجو لکي ٿو:

”لطيف جنهن دنيا ۾ اک کولي سا ڏاڍن ماڻهن ڦورو طبقن ۽ ظالم قومن جي هٿان هيٺن ماڻهن اشراف ۽ محنتي طبقن مظلوم قومن سان ارهه زرائي جي دنيا هئي، ان دنيا جا خيال نظريا ۽ فلسفا ارهه زرائي جا حامي هئا.“(4)

ظالم طبقا، ظالم ماڻهو، مظلوم طبقن تي جيڪو ظلم ڪري رهيا هئا، شاهه لطيف انهن جي حمايت ڪرڻ بجاءِ مخالفت ڪئي ۽ پرمار ڪندڙ طبقن کي ننديو ۽ ڀرپور مزاحمت ڪئي.

صبر ۽ شڪر، ڪاڏي آءُ ڪندي
آهيان جنهن سندي، سو تہ گهرجي ساڻ مون.

اهڙي طرح شاهہ لطيف مارئي جي عظمت، سچائي، وطن دوستي ۽ پنهنجي پورهيت طبقي سان محبت بيان ڪئي آهي. مٿاهين طبقي جي حڪمران عمر جي اقتدار واري لالچ ۾ مارئي نہ ٿي اچي. ڪيس عمر جو لالچون، گلم، غاليچا، ماڙيون، بنگلا، نوڪر، چاڪر، بادشاهي محل پسند ناهن. هوءَ سادن ڪاڻن، پنهنجي طبقي جي هڪ جيڏين سهيلين سان گڏ گذارڻ ۾ فرحت محسوس ڪري ٿي.

ايءُ نہ مارن ريت، جئن سيڻ مٽائن سون تي
اچي عمر ڪوٽ ۾ ڪنديس ڪا نہ ڪريت
پکن جي پريت، ماڙين سين نہ مٽيان(5)

جيها جي تيها مون مارون مڃيا
مون جيڏيون ملير ۾ چوندن موڪ ميها
منهنجي آهہ اِها ڪڏهن ڪرائيندي ڪوٽ کي
(سُر مارئي: ابيات متفرقہ بيت 9)

شاهہ لطيف وٽ پورهيت طبقو عظيم آهي انهن وٽ انساني درد ڪٿا جواحساس آهي، اهو ئي سبب آهي جو وٽس پورهيت جي عظمت آهي ۽ پورهيت جي پرچار آهي.

مٿن ڏٿڪ ڏٿڪڙا ڦڪندڙا اچن
ڪڙيون ڪيهہ ڦڪليون ڦگهر سر ڦيرن
اي وڙ ويڙيچن مون لوڏان ئي لکيا
( سُر مارئي: داستان 6 بيت، 7)

نوري نج نيچ ۽ پورهيت طبقي جي آهي. پنهنجي نياز نوڙت سان وقت جي حڪمران کي نوائي عظيم بڻجي ٿي.

گند جنين جي گوڏ ۾، ڦابوڙا پوشاڪ
انهن جي اوطاق، راجا ريجهي آيو.
(سُر ڪاموڏ: داستان 1 بيت 7)

جاگيرداري نظام ۾ وڏيرڪي سوچ جو ڪرب عورت سهندي رهي آهي، جتي عورت جي عزت مجروح ٿيندي آهي. هوءَ مرد جي ذاتي ملڪيت سمجهي ويندي آهي، سُهڻي جهڙي ٻُڌبار عورت کان مرضي جو حق کسي ڪيس ڏم سان شادي ڪرائي وئي. هن جو پيار ميهار سان هو، جنهن لاءِ خامي پچي پچري وجي وٽس پهچندي هئي. اهڙي سماجي اڻ برابري واري حق تلفي تي سُهڻي سراپا احتجاج نظر اچي ٿي. سندس تعلق پورهيت طبقي ڪنيارن سان آهي.

ساھڙ ڏاران سھڻي آھي ۾ آزار
ڏُک پاسي ۾ ڏکندو صحت وٺ سنگھار
توڏي سندي تن جي دوا ۾ ديدار
جي پسي منھن ميھار تہ سگھيائي سگھي ٿئي.
(سُر سُھڻي: ابيات متفرقہ بيت 4)

سسئي ھڪ پورهيت ڪردار، جيڪا جستجو ۽ جدوجھد جي علامت آھي. پنھون جا پيئر پاڻ ڪي سرمائيدار وڏا واپاري تجارتڪار سمجھن ٿا. پنھون جو سسئي سان ھجڻ ڪي عيب پائين ٿا. رات جو سسئي سان ڌوڪو ڪري سسئي ڪي ڪمزور سمجھي پنھون ڪي پاڻ سان گڏ وٺي وڃن ٿا. اُھا ڪمزور لاچار ھيسيل، ستايل اپري ننڍڙڪي بي سھارا پورهيت طبقي جي عورت ايڏي ھمٿ بيباڪي سان جبل جھاڳي جبل سان سينو ساھي ٿي.

ٽپي ڪندين ڪوھ ڏونگر ڏکوين ڪي
تو جي پھڻ پڀ جا لڳ منھنجا لوھ
ڪنھن جو ڪونھي ڏوھ امر مون سين ائين ڪيو.
(سُر ڪوھياري: داستان، 2 بيت، 9)

شاھ لطيف سُر ڪاپائتي ۾ ڪتڻ وارين پورهيت عورتن جو ذڪر ڪيو آھي. اُھي عورتون چرخو چوري ڪتڻ جو ڪم ڪن ٿيون. جاگيرداري سماج ۾ عورت ڪي ڪمزور سمجھيو ويو آھي، پر عورت ڪنھن بہ حوالي سان ڪمزور ناھي.

ڪتي ڪتي ڪالھ اڄ نہ آتڻ آيون
ارٽ اڪلي مالھ ڀُوري ويون ننجھرا
(سُر ڪاپائتي: داستان،1 بيت، 18)

شاھ لطيف جي شاعريءَ ۾ طبقاتي فڪر جيُ اپٽار آھي. تمام ھيناھين ۽ پورهيت طبقي جي ھارين، لوھارن، ڪورين جو ذڪر پڻ سندس شاعري ۾ ملي ٿو.

مانجھي سي املھ، ھر جنين جي ھٿ ۾
-------------
ھلو ھلو ڪورئين نازڪ جنين نينھن
-------------
ڪڙو منجھ ڪڙي جئين لوھارن ليپٽيو
(شاھ جي بيتن جون سٽون
ڪلياڻ آڏواڻي جي مرتب ڪيل
شاھ جي رسالي مان ڪنيل آھن)

جديد سنڌي شاعري تي بين الاقوامي لاڙن نظرين ۽ تحريڪن جو اثر رهيو آهي جديد شاعري ۾ طبقاتي فڪر جي پرچار آهي، جنهن کي ڪارل مارڪس جي نظريي موجب مارڪسزم سڏجي ٿو. مارڪسز هڪ معاشرتي سائنس آهي جيڪا انساني سماج جي مختلف پهلوئن بابت سُرتِ ۽ ساڃاهه پرک ۽ پروڙ فراهم ڪري ٿي. ڊاڪٽر فيض جوڻيجو لکي ٿو.

”مارڪسزم جيڪا طبقن جي خاتمي ۽ مظلوم طبقن جي ڇوٽڪاري جي سائنس آهي، ٻڌائي ٿي ته انساني تاريخ طبقن جي هڪ ٻئي خلاف اصل ۾ هڪ طبقاتي جنگ جو نالو آهي.“(6)

ڪارل مارڪس سرمائيداري جي اوسر ۽ انهن جي وڌندڙ قوت تي تحقيق ڪئي هئي. نتيجي ۾ ان ٻڌايو ته سماجي ترقي اٽل حقيقت آهي ۽ ان کي سرمائيداري روڪي نه ٿي سگهي. مارڪس جي اهڙن خيالن نه رڳو پورهيت طبقي کي تمام گهڻو متاثر ڪيو پر دنيا جي اديبن کي پڻ متاثر ڪيو. جڳ مشهور محقق الهداد ٻوهيو لکي ٿو.

”مارڪس پهريون ماڻهو هو جنهن سماجيات کي منطق ۽ سائنسي بنياد وڌو هن جو ڪو به ذاتي غرض هن جي فڪر جي ڪري پورو نه ٿي ٿيو. هن انسان ذات کي هڪ ڪتاب ڏنو ۽ سمجهايو. توڙي جو هو پيغمبر نه هو ’هن جو مقصد مظلوم دوستي ۽ پورهيت اشتراڪ کان سواءِ ڪجهه به نه هو.“(7)

مارڪس جي نظريي دنيا جي ادب کي متاثر ڪيو ادب ۾ سماجي صورتحال، طبقاتي ڪشمڪش پورهيت طبقي جي عظمت نفعي خورن سرمائيدارن خلاف جدوجهد ۽ طبقاتي فڪر ۾ شاعري سرجڻ لڳي جديد سنڌي شاعريءَ تي اهڙا اثر پڻ پيا.

**ڪشنچند بيوس:** جديد سنڌي شاعري جو مهندار شاعر غريب پورهيتن لاءِ شعر لکندو رهيو. پورهيت جي آزادي معاشي ۽ سماجي زندگيءَ جو عڪس سندس شعرن ۾ ملي ٿو ڪشنچند بيوس پورهيت جي جذبن جو احساس انهن لفظن سان پيش ڪيو ته اهو پورهيت بين لاءِ محل، ماڙيون، بنگلا اڏي تيار ڪري ٿو پر هو پاڻ مسڪيني حال ۾ رهي ٿو. ”الا جهري م شال غريبن جي جهوپڙي“ ۾ ڪجهه اهڙا عڪس هن طرح بيان ڪري ٿو.

سج چنڊ واجهه ٿو وجهي جنهن جي وٿين منجهان
پڻڪا ڪندي پيجي هوا جنهن جي پتين منجهان
ڇڻڪار مينهن ٿو ڪري جنهن جي ڇتين منجهان
قدرت سندي ڪمال، صحت لاءِ سوکڙي
الا جهري م شال غريبن جي جهوپڙي.(8)

**حيدر بخش جتوئي:** هارين جي حقن جو پاسدار پورهيت جي پيڙا جو آواز ۽ مظلوم جو حمايتي رهيو آهي. سندس شاعري طبقاتي فڪر سان ڀرپور آهي. حيدر بخش جتوئي هارين جي حقن لاءِ جيڪي ڪوششون ورتيون ۽ زميندارن، وڏيرن، جاگيردارن خلاف جدوجهد ڪندي پورهيت هارين کي حق ڏيارڻ سندس تاريخي ۽ انساني خدمت جا اهم ڪم آهن. هن شاعريءَ وسيلي طبقاتي شعور ڏيڻ لاءِ هارين پورهيتن کي پورهئي جي اهميت بابت آگاهه ڪيو. هارين کي وڏيرن ۽ زميندارن جي ظلم خلاف وڙهڻ ۽ احتجاج ڪري پنهنجا حق حاصل ڪرڻ جهڙو ڻساهه ڏنو..

ظالمن ٿي لٽيو گهر بار خزانو تنهنجو
ڻٽ هاري اجهو آيو آ زمانو تنهنجو.
وڏيرا حڪومت جا چمچا سدائين
جيڪي ظالمن کي ڪرن سائين سائين
غلامي سلامي خوشامد لنگهائين
ڪريا جي حضوري ڪري ڪيستائين
اجا ڀي چون ٿا انسان آهيون.(9)

**شيخ اياز:** اياز جي شاعري طبقاتي سماج خلاف هڪ للڪار آهي. جنهن پنهنجي شاعري ۾ وڏيرا شاهي، سامراجي ڦر لٽِ ۽ ديس جي غدارن خلاف ڀرپور آواز اٿاريو، هن جي شاعري ۾ ڌرتي سان محبت غريب طبقي مظلوم ماڻهن جي اهنجن، ايذائن ۽ پيڙائن جو پڙلاءُ آهي. شيخ اياز کي آمريتي دور ۾ جيل ڀوڳڻو پيو، سندس ڪتابن تي پابندي لڳي، پر پوءِ بہ هو خاموش نہ رهيو.

بي موت مئا تو لاءِ ڪنا انسان هزارين مان نہ رڳو
هن دنيا ۾ اي ديس هيا نادان هزارين مان نہ رڳو
تون چئہ نہ ڪچان تون چئہ نہ لچان پر توکان هڪڙي ڳالهه پڇان
تون ڪنهن ڪنهن کي خاموش ڪندي اعلان هزارين مان نہ رڳو.(10)

منهنجو اڱڻ پڇين ٿو آمر
منهنجا گيت ڳنهين سگهندين تون
مل مان جو مزدور اچي ٿو
هر هٽندي جيڪو ٽڪجي ٿو
۽ جي تو سان سينو ساهي
پير ڪڙين ۾ آيو آهي
جنهن وٽ ڪوئي لڙڪ ڦڙو آ
تنهن منهنجو هر گيت ڳڌو آ

تون وٽ لڙڪ ڪٽي ڪو آمر
منهنجا گيت ڳنهي سگهندين تون.
(وڄون وسڻ آيون ص، 189)

شيخ اياز وٽ پورهيت طبقو اعليٰ آهي هو طبقاتي سماج جي خلاف هاري پورهيت جي جستجو ۽ جدوجهد تي يقين رکي ٿو هو سماجي ڏاڍ ۽ ڏهڪاءُ جي خلاف آهي. هڪ طرف هو پورهيت جي عظمت جا گيت ڳائي ٿو، ته ٻئي طرف وڏيري جي پٽ پڙري ڪندي نظر اچي ٿو.

سڄو ڏيهه ڏاتا ڪري جي ُليا
لکين عيد جا چنڊ ُلري پون
نه پورهيت ٻڌن پيٽ کي هٿ پٽيون
نه هاري ڪڏهن رٽ سان ريج ڪن.
(وڄون وسڻ آيون ص، 166)

پنهنجي ريٽي راند ڙي!
لال جهنڊي جي اڳيان ڏاڍو مچري ٿو هو ڏاند ڙي
پنهنجي ريٽي راند ڙي
چو ته وڏيرو ڏاند ڙي.
(وڄون وسڻ آيون ص، 192)

**عبدالڪريم گدائي:** گدائي جي ظلم جبر ڏاڍ ڏهڪاءُ خلاف سرجيل شاعري هڪ منظوم تاريخ آهي ساڻيهه جا سور، پڪڙا ۽ پنهوار سندس طبقاتي ڪشمڪش جا شاهڪار آهن سندس شاعري ۾ عوام جو درد سانگيئڙن جا سور پورهيت جي حقن تي سامراجي قوتن ۽ وڏيرا شاهي قورو طبقن جو قبضو رنگ نسل ذات پاتِ جي فرقيواريت اوچ نيچ لاچار بيوس ٻٽيل انسانن جا اڪيچار احساس سمايل آهن. هو مزدور ۽ پورهيت طبقي جي زندگيءَ جا عڪس چٽيندي چوي ٿو.

سڄي عمر جيڪو ٻين لاءِ ڪمائي
ٻين لاءِ محلات ماڙيون ٺاهي
ڪلون ڪارخانه ٻين لاءِ هلائي
پيو جو ٻين کي روزي رسائي
اهو ملڪ پنهنجي جو معمار آهي
اهو ديس پنهنجي جو سينگار آهي.(11)

رنگ نسل جا ڏونگ اجايا
پيٽ بکئي هي سانگ بڻايا
ڇا گوري ۾ ڇا ڪاري ۾
ساڳيو آهي ستار
بڻايون سڀ جو ڪو سنسار
مذهب پنهنجو پيار گدائي
هندو مسلم سک عيسائي
جوڙ سيئي هڪ مالڪ جي
سڀ ۾ ساڳيو يار
بڻايون سڀ جو ڪو سنسار

**سرويچ سجاولي:** طبقاتي فڪر جو نمائنده شاعر آهي سندس شاعري ۾ بد حالي ڏاڍ ڏمر پيڙهيل هيسيل طبقي جي نمائندگي ڪري ٿي. هڪ طرف طبقاتي شعور اجاگر ڪندي سرويچ سجاولي وڏيرن، ڪامورن، حڪمرانن جي ڪارڪردگي کي وائکو ڪري ٿو، ٻئي طرف ظالمن جي طبقاتي دور کي ظاهر ڪندي هارين کي هوشيار ڪري ٿو. سندس شاعري ۾ لتاڙيل ۽ غريب طبقي جا ڏک سمايل آهن.

هتي چور وڏيرا ڪامورا بس تئي جهڙا پاءُ سڳا
ٿا مسڪينن کي ماريو ڦريو پائن عمده ويس وڳا
اڄ ننڊن مان بيدار ٿيو اي ملن جا مزدور اٿو
اي هاريو! پنهنجا حق وٺڻ لاءِ پيڙا ٿي پرپور اٿو.(12)

**ابراهيم منشي:** منشي طبقاتي فڪر ۽ جدوجهد جو اهم شاعر آهي، سندس شاعري ۾ لتاڙيل طبقي ۽ ديس جي ماڻهن سان ٿيندڙ زيادتين ۽ نا انصافين قومي غدارن ۽ موقعي پرستن جو بيان آهي. هي نواب، سردار، سر ۽ خان بهادر جهڙن لقبن کي لعنت ڪوني ٿو سندس نظر ۾ پورهيت عظيم آهي هو وڪائو ماڻهن جا عڪس پنهنجي شاعري ۾ بيان ڪري ٿو.

هاري وننڊو حساب وقت اچي ويو آهي وڏيرا
جيڪو ڪيڙي سو ڪائي قاضي ناهين ڪتاب
سر ۽ خان بهادر سارا لعنت جا القاب
هر ڪو حاج هٿن جي ڪائي ناهي ڪو نواب
هٿ هٿ منشي ڳاڙها جهندا جهڙا گل گلاب
وقت اچي ويو آهي وڏيرا

جهڙو ماڻهو تهڙو ناڻو، هر ڪو پنهنجي اڳهه اگهاڻو
جيڪو ماڻهوڪو نہ وڪاڻو، سوئي ماڻهو موتيءَ داڻو.(13)

**بردو سنڌي:** طبقاتي فڪر جو هي اهڙو شاعر آهي جنهن جي شاعري ۾ فڪري سگهه ۽ سجاڳي جو سڏ آهي سندس شاعري ۾ ڏئو، وڏو، اڄو جهڙا لفظ پورهيت طبقي ۾ جذبات ۽ احساس پيدا ڪن ٿا مزدور ۽ پورهيت طبقي جو بيان ڪندي چوي ٿو.

مان آهيان جو هلايان ڪارخانو ٿو
ڏئي رت ست پريان تنهنجا خزانا ٿو
تنهنجو اي ديس مان مزدور آهيان
پُچان جي ڪر بدلايان زمانو ٿو.(14)

**خاڪي جويو:** طبقاتي فڪر مارڪسي فڪر جو جز آهي جيڪو مارڪس جي ڪل ڪي سمجهائڻ جي صلاحيت رکي ٿو خاڪي جويو طبقاتي فڪر جو پوئلڳ رهيو آهي سندس شاعري ۾ پورهيت جو ذڪر جاءِ بجاءِ ملي ٿو قومي وجود جي تعمير پورهيت طبقو ئي ڪندو آهي ڇاڪاڻ تہ اهو طبقو ئي قومي،سياسي، سماجي، اقتصادي ۽ تاريخي سڃاڻپ جو حوالو بڻجندو آهي خاڪي پنهنجي شاعريءَ ۾ پورهيت جي پيڙا ۽ انقلاب جي ڳالهه ڪري ٿو. غلامي جي ڏبڻ ۾ ڦاٿل پورهيت جو بيان هن طرح ڪري ٿو.

جيئيون بڻجي جان جون لوها لڳ ٻرن
ساراتن تندور ۾ پچي راس ٿين
ٽانڊن تي ٽڙڪن سوچون هن سماج جون.(15)

**انور پيرزادو:** پورهيت طبقي ۾ حقن جي حاصلات لاءِ جاڳرتا پيدا ڪندڙ طبقاتي فڪر جو اهم شاعر آهي. سامراجي قوتن ۽ سرمائيداري استحصالي جو بيان ڪندي پورهيتن جي عالمي ڏينهن تي پنهنجي نظم ۾ هن طرح لکيو آهي.

هي ديسي آ پر ديسي آ
هي تنهنجو آ هي منهنجو آ
هي خون شڪاگو شينهن جو
اڄ ڇيٽ سان گڏجي آيو آ
اڄ ڪيت ڪٽوريءَ واسيا هن
هن خون ڪٽوري آندي آ
اڄ مئي ڊي آ
اڄ مئي ڊي آ.(16)

**تنوير عباسي:** تنوير جديد دور جو اهم شاعر آهي سندس تخليقون انسانيت جي مقصد کان وانجهيل نہ آهن تنوير وٽ خلق جي خدمت جو جذبو آهي اهو ئي سبب آهي جو سندس شعر هر ڏکي دل جي ترجماني ڪن ٿا. سندس شاعري ۾ ڏک، پيڙا جهڙيون ڪيفيتون بہ آهن، تہ جستجو جهڙو درس بہ آهي. تڏهن هو انسانن تي ٿيندڙ ظلم خلاف لکي ٿو.

اڄ ڪلهہ چوواٽن تي ميدانن ۾
انسانن کي لڳن پيا چهبڪ
اهڙا ڪي ماڻهو آهن
چئي سگهن
انسانن تي ڪهل ڪريو
گگدامن تي ڪهل ڪريو.(17)

**استاد بخاري:** عوامي مجتا ماڻيندڙ استاد بخاري جي شاعري پورهيتن، غريبن، سانگيئڙن، ماروئڙن سان ٿيل ويساهہ گهاتين جو بيان آهي. محنت ڪش ۽ پورهيت طبقي کي استاد پنهنجي شاعري جو موضوع بڻايو طبقاتي سماج ۾ انسانيت جي غلامي کان آزادي چاهي ٿو.

اسان بہ تہ آدمي آهيون، غمن سان گڏ خوشي گهرجي
جيئڻ لاءِ زندگي آسودگي آزادگي گهرجي

آئون ڪيئن سيج سمهان، منهنجا ماروئڙا پڊري پٽ سمهن
تنهنجي ميزن تي طرحين طعام اچن، ڪائن ڪانگ ڪتا جونا جام بچن
آئون ڪيئن لوڻ چکان، منهنجا ماروئڙا روزا روز رکن.(18)

**ملڪ نديم:** نديم جي شاعري گهڻي پاڳي قومي ۽ طبقاتي فڪر سان ٽمٽار آهي. هو سماج جي پيڙهيل طبقي جو درد رکندڙ شاعر آهي سندس ذاتي تعلق بہ پورهيت طبقي سان هو.

منهنجو ڏاڏو هاري هو
منهنجو پيءُ مزور
مان پنهنجو طبقو ڪيئن وساريان

طبقاتي سماج ۾ عورتن سان ٿيندڙ ناانصافيون سرمائيداري ۽ جاگيرداري جبرُ ڏاڍ وڏيرا شاهي بک بدحالي غلامي کان آزادي اقربا پروري استحصالي ٽولن

ڦورن، لٽيرن کي ملڪ نديم پنهنجي تجريدي نظمن ۾ موضوع بڻايو آهي سنڌ ۾ ميرٽ جي لتاڙ سفارشي ڪلچر غريب کي عريب سمجهي ڌڪڻ خوشامندي ۽ چاپلوس کي اڳتي آڻڻ جهڙن روين تي ملڪ نديم لکي ٿو.

جنهن ٻه بيروزگار نوجوان جي هڪ ڪيسي ۾
وڏيري جو پونڊو ۽ ٻئي ۾ گار آهي، ان کي پهرين
ڪان پندرهين گريڊ تائين نوڪري ملي سگهي ٿي.

ملڪ نديم جا سرجيل شر انقلاب، ناٽو، مڊل ڪلاس، نئون ڪاموڏ پڻ طبقاتي اڻ برابري جي درد ڪٿا آهن. جاگيرداري سماج ۾ غلامي جي تصور خلاف جدوجهد سندس شاعري جا موضوع رهيا آهن.

دنيا جي هر قوم جو نعرو امن ۽ آزادي گهرجي
اتي لٽي ۽ اجهي سان گڏ عدل ۽ آبادي گهرجي
امن ۽ آزادي گهرجي
نيٺ ته ٽيندا سٺ لک ڏاتا ڏيهه اسان جي ڏاڏٽي جا
نيٺ ته ڊهندا ڌرتي تان دستور زنجير ۽ گهاٽي جا
ديس جي ڌرتي جا هي پورهيت ماڻهو هيرا آهن
ڳالهه نه ڪبي گيت نه ڇڻبا راجا ۽ ڪنهن راڻي جا
فڪر نه جنهن ۾ هاري جو فڪر نه جنهن پورهيت جو
ديس جا لکين ماڻهو نه سڻندا سبق اهڙي سياڻي جا.(19)

**راشد مورائي:** طبقاتي سماج ۾ اهو الميو رهيو آهي امير غريب جو فرق رهڻي ڪهڻي کان ويندي پڙهڻ لکڻ تائين غريب هارين ۽ پورهيتن جا ٻار پوڇين ٿا راشد مورائي پاڻ استاد هو ائين محسوس ٿئي ٿو جڻ غريب هاري جي ٻار جو المياتي اکين ڏٺو واقعو هن وائي ۾ هن طرح بيان ڪري ٿو.

پيٽ بکيو ۽ انگ اگهاڙو ڏيهن جو ڏاتار الاڙي
هي هاري جو ٻار
پين سليٽ سوا ڪيئن پڙهندو هيڏو هي هوشيار الاڙي
ريڙهي رئيس ڪٽي ويو گهر ڏي ان سندو انبار الاڙي
يا ته پٽيوالو ٿي رهندو يا ڪو چوڪيدار الاڙي
علم پرائي شال هي سنڌي قوم ٿئي بيدار الاڙي
هي هاري جو ٻار (20)

**خلاصو:**

معاشري جي امير ۽ غريب طبقن ۾ تقسيم هڪ اهڙي حقيقت آهي، جنهن کان انڪار ممڪن ناهي.. هن تقسيم جو بنياد استحصال، ظلم، جبر، ناحق ۽ سماجي ناانصافي تي ٻيڌل آهي.. ڪوبہ حساس شاعر سماجي ظلم، جبر، نانصافي ۽ ڏاڍ ڪي ڏسي ۽ سندس حساس دل ان جو اثر نہ وٺي، ان تي ڪاوڙ ڪروڌ ۽ غصو نہ ڪري، تہ اهڙي دل ڪنهن شاعر جي دل نٿي چئي سگهجي. اهوئي سبب آهي، جو اسان ڏسون ٿا تہ امير ۽ غريب، مٿئين ۽ هيٺئين طبقن جي تفريق ۽ ٽڪراءَ کي سنڌي ڪلاسيڪي شاعرن، نيم ڪلاسيڪي ۽ جديد دور جي شاعرن ايترو چٽو ۽ واضح ڪيو آهي، جو سنڌي ادب ٻنهي طبقن جي فرق کي ظالم ۽ مظلوم ڦريندڙ ۽ ڦريل کي هر طرح وائکو ڪري ڇڏيو آهي.

**حوالا:**

1. پليجو، رسول بخش، 2004ع، سندي ذات هنجن، حيدرآباد سنڌي ساهت گهر، ص 74
2. جوڻيجو عبدالجبار، 2013ع ص، سنڌي ادب جي مختصر تاريخ، ڪنڊيارو روشني پبليڪيشن، ڇاپو ستون،41
3. پيرزادو انور، 2007ع، پٽائي، ڪراچي، انور پيرزادو اڪيڊمي، ص 81
4. پليجو رسول بخش، 2015ع، تنين ماٽڪ ميڙيا، ڪنڊيارو روشني پبليڪيشن، ص، 162
5. آڏواڻي ڪلياڻ، 2009ع، شاھ جو رسالو، ڪراچي سنڌيڪا اڪيڊمي، ص، 347
6. جوڻيجو فيض، 2015ع، طبقاتي فڪر جا سنڌي ادب تي اثر، ڪراچي سنڌ سڌار پبلشرز، ص، 193
7. ٻوهيو الهداد، 2013ع، ادب جا فڪري محرڪ، ڪنڊيارو روشني پبليڪيشن ص، 232
8. بيوس ڪشنچند، 1991ع، ڪليات بيوس، محمود شاھ بخاري، ص 216
9. ميمڻ عبدالغفور ڊاڪٽر، 2017ع، سنڌي ادب جو فڪري پسمنظر حيدرآباد سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو ڇاپو ٻيو، ص 363
10. شيخ اياز، 1995ع، وڄون وسڻ آيون، حيدرآباد نيو فيلڊس پبليڪيشن، ص، 55
11. حوالو نمبر: 9، ص 367
12. ايضاً ، ص 380
13. ايضاً ، ص 384

14. سنڌي بردو، 1988ع، بوندون بس نہ ڪن، ڄام شورو، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ص 49
15. ابو جبران، 1988ع، انقلاب جي واٽ، ڪنڊيارو روشني پبليڪيشن، ص 132
16. پيرزادو انور، 2005ع، اي چنڊ ٻڌائي ڪي ڇيڄان، باک ٽرسٽ، ص 186
17. عباسي تنوير، 1989ع، تنوير چئي، ڄامشورو، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ص 423
18. بخاري استاد، 1994ع، گيت اسان جي جيت اسان جي، حيدرآباد سنڌي ساهت گهر، ص 24
19. ملڪ نديم، 2010ع، منهنجي جواني ڪنهن بہ موسم نہ چورائي، ڪنڊ ڪوٽ ملڪ نديم اڪيڊمي، ص 12
20. مورائي راشد، 2017ع، ڳاڙهي باک ڦٽي، ڪنڊيارو، روشني پبليڪيشن، ص 176